**AGA KHAN UNIVERSITY EXAMINATION BOARD**

**SECONDARY SCHOOL CERTIFICATE**

**CLASS X**

**ANNUAL EXAMINATIONS (THEORY) 2023**

**Sindhi Paper I**

**Listening Passage – I**

**ريڪارڊ پهريون:**

## سير ۽ سفر

بيروت ۾ گهڻي سردي هئي. رستي تي سڄي جبل برف سان ڍڪيل هئا. هي رستو دنيا جي بهترين رستن مان ليکيو ويندو آهي. عجيب ۽ غريب نظارن سان پر آهي. اٽڪل اڍائي هزار فٽ مٿي جبل مان لنگهڻو پوندو آهي. آمد رفت تمام گهڻي هئي ۽ محسوس ٿي ٿيو ڄڻ تازي هوا برف رستي تان پري ڪري، هڪ پاسي ڪيل آهي. تقريبا ٽن ڪلاڪن جي سفر کانپوءِ دمشق پهتاسين، رستي ۾ موٽر ڊرائيور سان عربي ۾ گفتگو ٿيندي رهي. مذڪر مونث يا واحد جمع جي تميز مون نه ڪئي، مگر مئٽرڪ ۾ سکيل عربي ڪم آئي. هٿن ۽ اشارن جي مدد سان لفظن جي معني معلوم ڪرڻ ۾ ڪا ايڏي تڪليف پيش نه آئي.

دمشق ۾ ”مشرقي محلات“ ۾ رهيس پهچڻ سان شام جي خارجي وزارت ۽ تعليمي وزارت کي فون ڪيم. انهن جا ٻه نمائندا آيا. جن مون کي حڪومت جو مهمان قرار ڏنو ۽ هوٽل وارن کي اهڙيون هدايتون ڏنيون ويون.

مون کي سڌو شام جي پريزيڊنٽ جي رهائش جي جاءِ تي وٺي ويا، جتي مهمانن جي رجسٽر تي دستخط ڪيم. ان کان پوءِ مون کي دمشق جي سير تي وٺي ويا، بازار حميديه جي ڪجهه سير کانپوءِ ”عرب اڪيڊمي“ وياسون. هي ادارو عربي ادب جي ترقي لاءِ قائم ڪيو ويو آهي. ان ۾ فقط اديبن، فاضلن ۽ مصنفن کي پڙهڻ يا ڪتابن استعمال ڪرڻ جي اجازت آهي. لائبريري کي عام استعمال لاءِ نه رکيو ويو آهي بي بها ڪتابن جا نسخا موجود هئا. اڪيڊمي ۾ اٽڪل پنجاهه هزار ڪتاب آهن. ان کان پوءِ قومي لائبريري کي ڏٺو سون جا اگاري هئڻ ڪري بند هئي، مگر اسان کي ڏيکارڻ لاءِ کولي وئي هئي. ان ۾ اٽڪل هڪ لک ڪتاب آهن. ڪافي پيئارڻ جو دور، پريزيڊنٽ جي محلات کان هيستائين جتي ڪٿي زور رهيو ۽ تنگ اچي ويس. پيٽ اهڙو ته سخت ٿي پيو، جو وڏي ڪوشش ۽ همت کان پوءِ به ڊڪ پرڻ جي طاقت نٿي ٿي ان کانپوءِ انڪار ڪرڻ مناسب نه سمجهيم.

<u>(ڪتاب جو نالو: سير ۽ سفر، مصنف پروفيسر غلام مصطفي شاهه، سنڌي ادبي بورڊ)</u>



AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only

**Listening Passage – II**

**ريڪارڊ پيو:**

## ٻاهو ٻار

ٻارو! مريد نالي هڪڙو ڏاهو ٻار اٺين درجي ۾ پڙهندو هو. جيڪو وڏڙن جو چوڻ خوشيءَ سان مڃيندو هو ۽ ڪڏهن به ڪروڌ ڪونه ڪندو هو. روز صبح جو سوير اٿندو هو ۽ اٿڻ سان ئي وضو ڪري نماز پڙهي، قرآن ڪريم جو سبق پڙهڻ ويندو هو. ان ڪانپوءِ نيرن ڪري اسڪول پڙهڻ ويندو هو. پڙهڻ سان به ڏاڍو چاهه هوندو هيس. ان ڪري ڏاڍي محنت ڪري هميشه پهريون نمبر ايندو هو. راند جي وقت راند ڪندو هوپڙهڻ جي وقت پڙهندو هو.

هڪ ڀيري مريد جي ماءُ بيمار ٿي پئي ۽ مند به سياري جي هئي. هڪ رات بيماريءَ جي حالت ۾ مريد جي ماءُ ڪيس سڏ ڪري چيو. "پٽ! پاڻي ڍڪ ته ڏي." مريد جڏهن پاڻي کڻي آيو ته ايتري ۾ ماڻس کي ننڊ جو جهوٽو وٺي ويو. مريد دل ۾ خيال ڪيو ته. امڙ کي ننڊ مان ڪيئن جاڳايان؟ سو پاڻي جو گلاس هٿ ۾ جهلي انتظار ڪرڻ بيهي رهيو. ڪافي دير ڪان پوءِ ماڻس سجاڳ ٿي ڏٺائين ته، مريد پاڻي کڻيو بيٺو آهي. هوءَ ڏاڍي خوش ٿي پاڻي پي ڏٽي جي درگاهه ۾ هٿ کڻي دعا ڪري چيائين ته. "سدورا پٽڙا تو منهنجي ڪاڻ هيڏي سيءَ ۾ بيٺو آهين! رب پاڪ توکي وڏي عمر عطا ڪري هميشه پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ڪري. شال توکي ڪو ڪوسو واءُ نه لڳي. ڏٽي ڪندو سرون سر هوندين."

مريد کي جيڪا جيجل ماءُ دعا ڪئي هئي سان نيٺ پرورپاڪ پوري ڪئي ۽ مريد پنهنجي محنت سان ڪاميابي ماڻي، وڏو ٿي هڪ قابل طبيب بڻجي ويو ۽ هاڻي ننڍو وڏو ڪيس ڊاڪٽر مريد صاحب سڏيندو آهي.

ٻارو اوهان ڏٺو ته امڙ ڪيڏي نه عظيم هستي آهي جو ان جي ٿوري خدمت عرش تي رسائي ٿي ڇڏي. سو ٻارو! توهان به پنهنجي ماءُ پيءُ ۽ وڏڙن جو چيو مڃي، مريد وانگر محنت ڪري پنهنجو مقصد ماڻيو. هونءَ به سنا ٻار هميشه وڏن جو چيو وٺندا آهن.

(سنڌي ادبي بورڊ)

AKU-EB Annual Examination 2023 for Teaching and Learning only